



# فيضانِ اُمِّ عطار

سنڌي

- اُمِّ عطار جو تعارف
- 75 روپين ۾ گهر جو گذارو
- اُمِّ عطار جون ڪجھ خصوصيتون
- ميّت مان ظاهر ٿيڻ واريون حيرت انگيز ڳالهيون


پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰھُمَّ افْتَحْ عَلَیْنَا حِکْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَیْنَا رَحْمَتَكَ یَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِکْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفکربيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **فيضانِ اُمِّ عطار**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# فيضانِ اُمِّ عطار

**ترجمو**

**ترانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ترانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

# پهريان هن کي پڙهو

الله پاڪ جي انسان جي لاءِ هڪ وڏي نعمت **”والدين“** بہ آهن. والدين جي شرافت ۽ عبادت جو اثر اولاد تي ضرور پوندو آهي. والدين نيڪ سيرت ۽ بااخلاق هجن تہ اولاد بہ نيڪي جي رستي تي هلندي نظر ايندو آهي، خوش نصيب آهن اهي والدين جيڪي پنهنجي اولاد جي چڱي تربيت ڪن ٿا. شيخِ طريقت، باني دعوت اسلامي، اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا **محمد الياس عطار** قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ جي ذاتِ گرامي تعارف جي محتاج ناهي. سندن عمر تقريباً هڪ بہ سال هئي تہ سندن والد محترم حج تي ويا ۽ اُتي وصال ڪري ويا. امڙ سائڻ سندن پرورش ۽ تربيت جو انتظام ڪيو. مدني چينل تي ٿيڻ وارن امير اهل سنت جي مختلف مدني مذاڪرن جي سوال جواب ۽ بين پروگرام جي مدني گلن، ۽ مختلف ڪتابن ۽ تحريرن وغيره مان مدد وٺي هي مضمون بنام ”**فيضان اُمِّ عطار**“ تيار ڪيو ويو آهي جيڪو سندن امڙ جي 47 هين ورسي 17 صفر شريف 1445 هجري (2023) جي موقعي تي منظرِ عام تي ايندو. هن جو مطالعو ڪرڻ سان اميراهل سنت جي امڙ والده محترمہ بابت مختلف معلومات حاصل ٿيڻ سان گڏوگڏ هڪ **”ماءُ کي ڪيئن هجڻ گهرجي“** هن بابت بہ مدني گل ملندا ۽ اسلامي ڀاءُ ۽ اسلامي ڀيڻ ڀنهي جي لاءِ هي رسالو فائديمند ثابت ٿيندو. اِنَّ شاء الله الڪريم ثواب حاصل ڪرڻ ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ هن رسالي کي خوب عام ڪيو ۽ ڍير سارو ثواب ڪمايو. طالب غم مدينہ وبقيع و بي حساب مغفرت. ابو محمد طاهر عطاري مدني عُفِيَ عَنہ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# فيضانِ اُمّ عطار

**دعاءِ عطار:** ياالله كريم! جيكو به منهنجي ڏاڏي سائڻ جي باري ۾ رسالو ”فيضانِ اُمّ عطار“ مكمل پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان كي ۽ سڄي خاندان كي نيك نمازي ۽ سچو عاشق رسول بڻاءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

جنهن مون تي هك ڀيرو درودِ پاك پڙهيو، الله پاك ان تي ڏه (10) رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جيكو مون تي ڏه (10) ڀيرا دُرودِ پاك پڙهي، الله پاك ان تي سو (100) رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جيكو مون تي سو (100) ڀيرا دُرودِ پاك پڙهي الله پاك ان جي ٻنهي اکين جي درميان لکي ڇڏيندو آهي ته هي نفاق ۽ جهنم جي باه کان آزاد آهي ۽ ان کي بروزِ قيامت شهيدن سان گڏ رکندو.[1]

بچیں بے کار باتوں سے، پڑھیں اے کاش کثرت سے
ترے محبوب پر ہر دم، دُرود پاک ہم مولیٰ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## خوشبودار جڳه

---

[1] (مطالع المسّرات، ص: 52 بحواله شفاء الصدور)

1398 هجري بمطابق 1978 عيسوي جي ڳالھ آهي. گڏگلي، مينادر اولڊ سٽي ايريا (ڪراچي) ۾ واقع ”بادامي“ مسجد جي ويجھو هڪ امام صاحب پنهنجي امڙ وغيره سان گڏ رهندو هيو. صفر مهيني جي سترهين رات عشاء جي نماز پڙهائڻ جي لاءِ وڃڻ لڳا تہ پنهنجي امڙ سائڻ وٽ آيا. امام صاحب جي ديني معلومات”عالم دين“ کان گهٽ ڪانہ هئي. بيمار ماءُ جي زندگي جي اَج آخري رات هئي. خوش قسمت پٽ عشاء جي نماز پڙهائڻ لاءِ وڃڻ جي اجازت گهري تہ حيرت انگيز طور تي امڙ سائڻ فرمايو: پٽ! پنهنجا هٿ ويجهو ڪر تہ جيئن مان چمان، سعادتمند پٽ چيو: امان هي ڇا چئي رهي آهين؟ بلڪ مان اوهان جا هٿ چمندس. آخرڪار ٻنهي هڪٻئي جا هٿ چميا. هن عقيدت ۽ محبت ڀري انداز کان فارغ ٿي اهو نوجوان امام صاحب گهر کان نور مسجد(ڪارادر، ڪراچي) ڏانهن نماز پڙهائڻ لاءِ روانو ٿيو ۽ عشاء جي نماز ادا ڪري معمول مطابق اُتي ٿيڻ واري هفتہ واري اجتماع[1] ۾ پنهنجي واري اچڻ تي اُهو حاضرين جي سوالن جا جواب ڏيڻ ۾ مصروف هيو تہ هڪ ڇوڪرو ڪين گهر سڏڻ جي لاءِ آيو، پر پاڻ ديني مسئلا ٻڌائڻ ۾ مشغول رهيا، ٿوري ئي دير ۾ اهو ڇوڪرو وري آيو ۽ ويجهو اچي چيائين يا ڪنهن جي ذريعي چورايائين تہ اوهان جي وڏي ڀيڻ اوهان کي سڏي ٿي تہ هاڻي اُن نوجوان کي ڪٽڪو ٿيو تہ

---

[1] اَلْحَمْدُ لِلّٰه! امير اهل سنت دعوت اسلامي جي شروعات کان بہ پهريان ماڻهن کي ديني مسئلا سيکاريندا هئا ۽ هر جمعرات تي نور مسجد ۾ ديني مسئلن بابت سوال جواب جو سلسلو ٿيندو هيو.

شايد امڙ جي طبيعت گهڻي خراب ٿي وئي آهي، دراصل ڪجهه ڏينهن پهريان آچر تي امڙ جي طبيعت خراب ٿي ته اهو امام صاحب ڊاڪٽر کي گهر وٺي آيو هيو ۽ ڊاڪٽر چيڪ اَپ ڪري اشارن ۾ ڪجهه چيو جنهن مان ايئن لڳو ته دل جو ڪجهه مسئلو ٿيو آهي. بس پوءِ امام صاحب پرسان وينل هڪ دوست کي ڪن ۾ چيو: شايد امڙ جي طبيعت خراب آهي، مان گهر وڃان ٿو، اوهان به پهچو، جڏهن جلدي مان گهر پهتا ته ڏٺائون ته امڙ سائڻ تي سڪرات جي ڪيفيت (يعني موت) طاري آهي ۽ زبان بند ٿي چڪي آهي ۽ موت جا جهٽڪا اچي رهيا آهن. وڏيءِ ڀيڻ ڀاءَ کي ٻڌايو ته اَمان اوهان کي ڏاڍو ياد پئي ڪيو (دراصل هي نوجوان پنهنجي والدين جو سڀني کان ننڍو پٽ هيو. والده پيار مان کيس "بابو" چوندي هئي) اَمَان باربار چئي رهي هئي: منهنجي بابو کي چئو هو مون ڪان پري نه وڃي، ان کي جلدي وٺي اچو! اسان امڙ کي زم زم جو پاڻي پياريو پوءِ ان کي استغفار ۽ ڪلمو شريف به پڙهايو. پر افسوس! جڏهن اوهان پهتا ته امڙ جو هوش ويندو رهيو ۽ انهن ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيو. نيڪ بخت پٽ هن المناڪ (يعني دردناڪ) منظر کي ڏسي جيئن تيئن ڪري پاڻ کي سنڀاليو ۽ فوراً سورت ياسين شريف جي تلاوت شروع ڪري ڏني جوته حديث شريف ۾ فوت ٿيڻ واري وٽ سورت يٰسين شريف پڙهڻ جي ترغيب آهي.[1] رات تقريباً سواء ڏهه وڳي تلاوت قرآن ڪريم جي دوران

---

[1] سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جنهن مرڻ واري جي سرهاڻي سورت يٰسين شريف جي تلاوت ڪئي ويندي آهي الله پاڪ ان تي آساني فرمائيندو آهي. (موسوعة ابن ابي

امڙ جو روح جسم کان جدا ٿي ويو. غسل کان بعد چهرو مبارڪ ڪافي روشن ٿي ويو ۽ جنهن هنڌ والده جو روح قبض ٿيو، ان زمين مان هُٻڪار اچي رهي هئي ۽ وفات جي تقريباً 40 ڏينهن تائين رات سواء ڏه وڳي گهر ۾ ٻهڪندڙ هلڪي هلڪي خوشبوءِ ايندي رهي، اهو امام صاحب رات جي وقت پنهنجي دوستن کي گهر آڻيندو ۽ انهن کي اها غيبي خوشبوءِ سونگهائيندو هيو، ٽيجهي تي جڏهن امام صاحب پنهنجي والده جي قبر تي گُل رکيا ته شام تائين اهي گُل تروتازو رهيا ۽ سندن هٿ سڄو ڏينهن انهن گلن جي خوشبوء سان مهڪندا رهيا، الله پاڪ جي رحمت کان ڪا ڳالهه پري ناهي، ٿي سگهي ٿو ماڻهن کي ڏيکارڻ مقصود هجي ته صحابہ و اهل بيت سان محبت ڪرڻ واري، غوث و خواجہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِمَا جي چاهڻ واري هن شان سان دنيا مان وئي جو هرطرف خوشبو ئي خوشبو پکڙجي وئي. هي سيئي غلامي مصطفيٰ جو صدقو آهي جنهن تي انهن جي نظر ٽڪي ويندي آهي ته نہ صرف ان مان بلڪ ان جي برڪت سان سڄو عالم مهڪي پوندو آهي.

ان کی تربت پہ بارش ہو انوار کی    مولا رتبہ بڑھا اُمِّ عطّار کا

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

منهنجا آقا اعلي حضرت امام اهل سنت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه لکن ٿا:

---

هڪ بي حديث شريف ۾ آهي: پنهنجي مُردن وٽ سورت يٰسين پڙهو(ابو داؤد، 256/3، 257، حديث: 3121) الدنيا، 454/5، حديث: 195)

واسطہ پیارے کا ایسا ہو کہ جو سُنّی مرے
یوں نہ فرمائیں ترے شاہد کہ وہ فاجر گیا

عرش پر دُھومیں مچیں وہ مومن صالح مِلا
فرش سے ماتم اُٹھے وہ طیب وطاہر گیا[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب    صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

چا اوهان ڄاڻيو ٿا هي نيڪ سيرت نوجوان، ديني مسئلا سيکارڻ وارو پيش امام ۽ امڙ سائڻ جا هٿ چمڻ وارو سعادتمند پٽ ڪير هيو؟ جي ها! هي ڪو ٻيو نہ بلڪ باني دعوت اسلامي امير اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هيو ۽ فوت ٿيڻ واري خوش نصيب خاتون سندن امڙ سائڻ هئي.

## جنت ۾ داخل

پيارا اسلامي ڀائرو! الله ربّ العزت جي رحمت سان امير اهل سنت جي والده محترمہ تي ڪيترو ڪرم ٿيو جو آبِ زم زم شريف پي ڪري استغفار پڙهي ڪري فوت ٿيون. الله پاڪ جي پياري پياري آخري صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: مَنْ كَانَ آخِرُ كَلَامِهِ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ دَخَلَ الْجَنَّةَ يعني جنهن جو آخري ڪلام لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰه هجي اهو جنّت ۾ ويندو.[2]

رَبّ غفار! اُمّ عطار جي مزار تي رحمتن جي بارش فرمائي.

نازل ہوں سدا رحمت کے گہر عطّار کی پیاری اَمی پر
ہو پیارے نبی کی خاص نظر عطّار کی پیاری اَمی پر

[1] (حدائقِ بخشش، ص: 53)
[2] ابو داود،ڪتاب الجنائز، باب في التلقين، ٢٥٥/٣، حديث:٣١١٦

اميراهل سنت جي امڙ سائڻ جي وفات جي هن واقعي ۾ اسان کي سکڻ لاءِ هڪ ڳالھ هي به ملي ته امير اهل سنت کان سندن امڙ سائڻ تمام گهڻي محبت ڪندي هئي، تڏهن ته امڙ سائڻ کائنس فرمايو ته اڄ مان تنهنجا هٿ چمندس. **ڪاش!** ڳالهين جا غازي بڻجڻ جي بجائي اسان پنهنجي ڪردار ڪي سڌاريون، جڏهن دنيا وارا ڪنهن جي چڱائي جي گواهي ڏين ته بيشڪ اهو چڱو پر جڏهن ڪنهن جي ڪردار جي گواهي ان جا گهر وارا به ڏين ان وقت ان جي چڱائي جي چا ڳالھ آهي. الله ڪريم! امير اهل سنت جي صدقي اسان کي نيڪ سيرت بڻائي.

ہوں بظاہر بڑا نیک صورت کر بھی دے مجھ کو اب نیک سیرت

ظاہر اچھا ہے باطن برا ہے یاخدا تجھ سے میری دعا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اُمّ عطار جو تعارف

امير اهل سنت جي امڙ جو نالو ”اَمينہ بنت حاجي هاشم“ [1] هيو. پاڻ هند جي صوبي گجرات، رياست ”جونا ڳڙھ“ جي هڪ ڳوٺ ڪُتيانہ ۾ پاڪ و هند جي تقسيم کان پهريان پيدا ٿيون. پاڻ نيڪ ۽ پرهيزگار خاتون هيون، سندن هڪ ڀاءُ ۽ هڪ ٽي ڀينرون هيون. ڀاءَ جو نالو ”نور محمد يُندي“ ۽ ڀينرن جو نالو

[1] حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جي هڪ صحبزاديءَ جو نالو بہ اَمِينہ هيو

رابعه، عائشه ۽ حوا هئا. امير اهل سنت جي نالي جو نالو ”حليمه“ هيو.

## امير اهل سنت جون 3 ماسيون

امير اهل سنت جي هڪ ماسي رابعه ڪراچي ئي ۾ رهندي هئي. امير اهل سنت انهن وٽ ڪوڙ پيرا ايندا ويندا رهيا. ٻي ماسي عائشه جيڪا ڪولمبو ۾ رهندي هئي. 1979 ۾ امير اهل سنت جڏهن پهريون ڀيرو ڪولمبو ويا هئا ان وقت ان سان ملاقات ٿي هئي. نهايت غربت واري حالت ۾ وقت گذاري رهي هئي. سندن مڙس جو نالو ”احمد پَگي“ هيو. جنهن امير اهل سنت سان سندن والد صاحب جي قصيده غوثيه[1] وارو واقعو ٻڌايو هيو. ٽين ماسي حوّا هئي. امير اهل سنت جي ان سان نه ته ڪڏهن ملاقات ٿي نه ئي ڪڏهن زيارت ٿي، ان جي باري ۾ معلومات ملي ته هُو مَدراس هند[2] ۾ رهندي هئي.

## مامي جي طرفان دعوت

امير اهل سنت جو هڪ ئي مامو هيو جنهن جو نالو”نُور محمد يُندي“ [3] هيو. سندن مامي جو گهر هڪ ئي ڪمرو هيو، مامو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ڀيڻ يعني اُمِّ عطار جي دعوت ڪندا

---

[1] هي واقعو تفصيل سان پڙهڻ جي لاءِ امير اهل سنت جي والد صاحب جي سيرت تي لکيل رسالو”فيضان اَبُو عطار“ پڙهو

[2] مدراس جو هاڻي نالو چنائي آهي هي هند جي رياست تامُل ناڊو جو دارالحڪومت ۽ ملڪ جو چوٿون وڏو شهر آهي.

[3] ميمڻ ڪميونٽي ۾ يُندي ذات آهي

هئا. جنهن ۾ امير اهل سنت فرمائن ٿا: اسان پيڻ پائر ملي ڪري ويندا هئاسين، امير اهل سنت جا ماما سائين عيد جي موقعي تي گهر ايندا هئا ۽ عيدي ۾ پنهنجي ڀاڻيجن، ڀاڻيجين کي اٺ آنا يعني اڌ روپيو ڏئي ويندا هئا.[1]

## مدد ڪري دعا ڪرايو

امير اهل سنت پنهنجي مامي جو هڪ منفرد واقعو بيان ڪندي فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مامي مون کي ڪنهن غريب کي ڪاڏو پچائڻ جي لاءِ ڏنو. منهنجي وات مان نڪتو: مان فقير کي ڪاڏو ڏئي ان کان دعا ڪرائيندس ته اسان جي لاءِ دعا ڪجانءِ. مامي فرمايو: فقير کي ڪاڏو ڏئي ڪري ان کي دعا جو چوڻ ايئن آهي جڻ ته اوهان ڪاڏو ڏيڻ جي نيڪي جو بدلو گهريو،[2]

ماشاءالله! مامي جي ايڏي گهري سوچ جي به ڇا ڳالهه ڪجي! اسان جي بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جا به اهڙي طرح جا انداز ڪتابن ۾ لکيل آهن جيئن تمام مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ حضرت بيبي عائشه صديقه ۽ حضرت بيبي اُمِّ سلمه رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جڏهن فقير جي طرف ڪو تحفو موڪلينديون هيون ته وني وڃڻ وارو کي فرمائيندیون هيون: ان جا دعائيه الفاظ ياد رکجان، پوءِ ان جهڙن لفظن سان جواب ڏينديون ۽ فرمائينديون هيون: دعا جي بدلي انهي ڪري دعا ڏني آهي ته جيئن اسان جو صدقو(يعني ان کي ڏنل خيرات جو ثواب) محفوظ رهي.

---

[1] مدني مذاڪره بنام رؤيت هلال، 28 رمضان: 1439

[2] تذڪره امير اهل سنت قسط: 7، بالتصرّف

امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هي واقعو ذڪر ڪرڻ ڪان بعد لکن ٿا: الغرض! صالح(يعني نيڪ ٻانها) ته دعا جي اميد ۾ ناهن رکندا ڇوته هي بدلي جي مشابه آهي ۽ هُو دعا جي بدلي دعا ياد ڪندا هئا. مسلمانن جا ٻيان خليفه حضرت سيدنا عمرفاروق ۽ سندن پٽ حضرت عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا ۾ ايئن ئي ڪندا هئا.[1]

تي سگهي ٿو مامي جي سامهون بزرگن جا هي عمل هجن جنهن جي ڪري انهن پنهنجي ياٽيجي ڪي ان تي عمل جي ترغيب ڏني. الله ڪريم اسان ڪي ۾ پنهنجي رضا جي لاءِ غريبن جي مدد ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. الله ربُّ العزت جي انهن سيني تي پنهنجي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو کر اخلاص ایسا عطا یا الٰہی![2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مامي جي وفات جو المناڪ واقعو

افسوس! مامي جي وفات نهايت دردناڪ انداز ۾ ٿي جيئن ته مامو سائين پنهنجي پهرين ڏيءَ جي ڏاج جو سودو ڪري واپس موٽي رهيو هو ته بس ۾ چڙهندي پير ترڪي پيو ۽ افسوس! مامو هلندڙ بس تان ڪريو ۽ سندس مٿو ٽائر جي هيٺان اچي ويو ۽ انتقال ڪري ويا. سندن تدفين ڪراچي جي مشهور

[1] احياء العلوم، 292/1
[2] وسائل بخشش، ص: 105

قبرستان ”ميوه شاھ“ ۾ تي. الله ربّ العزت مرحوم جي بي حساب مغفرت فرمائي ۽ ان جي صدقي اسان کي بہ بخشي ڇڏي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب    صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 75 روپين ۾ گهر جو گذارو

بابا سائين جي وفات کان بعد امير اهل سُنت جي وڏي ڀاءَ ”عبدالغني“ پنهنجي برادري ڪُتيانہ ميمڻ ايسوسي ايشن جي هڪ دواخاني ۾ ملازمت اختيار ڪئي. جتي ڪين شروع ۾ ماهوار 75 روپيہ پگهار ملندي هئي. جنهن مان هُو پنهنجي بيواهہ امڙ ۽ يتيم ڀائر ۽ ڀينرن جي خدمت ڪندو هيو.

## اُمّ عطا جي خودداري

امير اهل سنت جي عمر ڏيڍ يا 2 سال تي تہ سندن والد محترم حاجي عبدالرحمان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حج تي ويا ۽ منيٰ شريف ۾ گرم جهولو لڳڻ جي سبب غالباً 14 ذوالحج شريف تي وفات ڪري ويا. گهر جي سربراهہ جو انتقال ٿيڻ کان بعد گهر جي جون سيئي ذميواريون امير اهل سنت جي امڙ سائڻ تي اچي ويون. ڪانئڻ انهن سخت حالات ۾ پنهنجي ٻارن کي سنڀاليندي ۽ محنت مزدوري ڪري گهر هلائيندي رهيون.

## ۾ داتا معاف ڪرايا

امير اهل سنت امڙ گهر ۾ ٻُڳل چڻا ۽ ڪاڄا چلڻ جي لاءِ آڏيندي هيون، هڪ ڪلو[1] چڻا چلڻ تي چار آنا ۽ هڪ ڪلو ڪاڄا چلڻ تي هڪ آنو ملندو هيو، گهر جا سڀئي فرد ملي ڪري چليندا هئا. ڪم جي دوران امير اهل سنت جيڪي انهن ڏينهن ۾ غالباً چار پنج سالن جا هوندا، ٻه چار داڻا ڪائي ويندا هئا ته والده صاحبه کي چوندا هئا: اَمان سيٺ کان معاف ڪرائي وٺجو. والده مزدوري وٺڻ وقت سيٺ کي چوندي هئي: ٻار ٻه داڻا ڪائي ورتا. معاف ڪري ڇڏجو.

## گهر ۾ عبادت جو رجحان

امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: اَلْحَمْدُلله! اسان جي گهر ۾ ديني ماحول هيو منهنجو وڏو ڀاءُ ۽ والده وغيره ملي ڪري چادر وڇائي بادامن تي ڪجهه پڙهندا هئا. ننڍو هجڻ جي ڪري مون کي اهو ياد نه ناهي ته ڇا پڙهندا هئا باقي گهر جو ماحول عبادت ۽ نماز، روزي وارو هيو.[2]

## امڙ سائڻ جي برڪت سان سڄو گهر نمازي

گهر ۾ هر مهيني حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي يارهين جو نياز ٿيندو هيو. اُمِّ عطار نماز روزي جي پابند هيون. امير اهل سنت فرمائن ٿا: اَلْحَمْدُلله! مون جڏهن هوش سنڀاليو ته گهر ۾ نماز، مصلّو ۽ امڙ سائڻ کي چادر ويڙهي نماز پڙهندي ڏٺو. خاص ڪري

---

[1] تقريباً پنجاه سال اڳ وزن ۽ روپين جو حساب اهڙي طرح ٿيندو هيو. هاڻي تقريباً هي نظام ختم ٿي ويو آهي هڪ سير ڪلو مان ڪجهه گهٽ ٿيندو هيو جڏهن ته هڪ روپئي ۾ 16 آنا هوندا هئا. هاڻي ڪلو گرام ۽ روپين ۾ وزن ۽ قيمت بيان ٿئي ٿي

[2] مدني مذاڪره 09 صفر المظفر 1442ھ

نمازِ فجر جي لاءِ مون کي اٿاريندیون هيون. اَلْحَمدُلله! سخت سردي ۾ بہ مسجد جي حاضري کان مشرف ٿيندو هيس.[1]

## جهڙي ماء تهڙي اولاد

اُمِّ عطار جي مشڪبار زندگي جي هن حصي ۾ اسان جي اسلامي ڀينرن جي لاءِ وڏو درس آهي. ڪاش! جهڙي طرح ماءُ پنهنجي ٻارن کي صبح ساجهر اسڪول ۽ نوڪري تي روانو ڪرڻ جي لاءِ اٿاري ئي دم پٽيندي آهي. ڪاش هن کان وڌيڪ نماز، روزي ۽ ٻين عبادتن جي ادائگي جو ذهن ٻڌائن. چوتہ ”ماءَ جي هنج“ ٻار جي پهرين درسگاهہ آهي. جيڪڏهن ماءَ نيڪ سيرت، نماز روزي واري، سنتن جي پابند، باحياء ۽ بااخلاق هوندي تہ اُن جي اولاد ۾ بہ اهڙيون عادتون منتقل ٿينديون ۽ جيڪڏهن خدانخواستہ ماءُ نيڪ اعمال کان دور، ناجائز فيشن ڪرڻ واري، گناهن ڀريا ٽي وي چينل ڏسڻ واري هوندي تہ هي برايون اولاد ۾ بہ اچي سگهن ٿيون. اڄڪلهہ ڪيئي والدين اولاد جي نافرماني تي دل جلائيندا، امام صاحبن سان دعائون ڪرائيندا ۽ اولاد جي بداخلاقين تي روئيندا آهن. حالانڪ اولاد جي بگڙجڻ ۾ بعض اوقات پاڻ والدين جي بي عملين جو بہ حصو هوندو آهي والدين کي خوب غور ڪرڻ گهرجي تہ پاڻ انهن پنهنجي اولاد جي ڪيتري ديني تعليم ۽ تربيت ڪئي آهي!

---

[1] مدني چينل پروگرام پرانی یادیں، قسط: 2 بتغير

## ٻارن کي ننڍپڻ کان ئي سنڀاليو

جن جا ٻار اڃا ننڍا آهن انهن سيني کي التجاء آهي هاڻي کان پنهنجي گهر کي سنتن جو گهوارو بڻائن. گهر کي مذهبي ۽ ديني رنگ ڏيندا ته پنهنجي آخرت جي بهتري سان گڏوگڏ ٻارن جي تعليم ۽ تربيت ۾ به وڏو فائدو ٿيندو. گهر کي نيڪين وارو بڻائڻ جي لاءِ پنهنجي گهر ۾ صرف ۽ صرف مدني چينل هلايو. الله ڪريم ۽ ان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ نالو ٻارڙن جي ڪنن ۾ مناڻ پهچائيندو رهندو ۽ اِنْ شَآءَالله هاڻي کان مُحبتِ رسول دل ۾ گهر ڪري ويندي. پنهنجي ٻارن کي ميوزيڪل رانديڪن ۽ اهڙين تقريبات کان به بچايو جنهن ۾ ميوزڪ وڄايو ويندو هجي. اڄ بچائيندا ته اڳتي بچي سگهندا. پنهنجي ٻارن کي حقوق العبادت(يعني ٻانهن جي حق جي حوالي سان به سيڪاريو ته اسان کي ڪنهن جو حق نه مارڻ گهرجي ۽ نه ڪنهن جي ڪا شيءِ چوري ڪرڻ گهرجي. هن حوالي سان اُمِّ عطار جي سيرت جو هڪ ايمان اَفروز واقعو پڙهو:

## اُمِّ عطار جون ڪجهه خصوصيتون

امير اهل سُنت جي امڙ سائڻ ۾ ڪجهه بيون به خوبيون هيون جيئن ڪنهن جو مال ناحق نه کائڻ، ڪا شيءِ وسري وڃي ته ان جي لاءِ دل غمگين ٿي وڃڻ، بغير اجازت جي ڪنهن جي شيءِ نه کڻڻ وغيره. پاڻ اهڙا ڪم ڪرڻ وارين سان ناراض ٿيندڻيون

هيون ۽ فرمائيندا هيون: ڪجهه عورتون سبزي وٺڻ وينديون آهن ته بنا اجازت جي پنهنجي ٿيلهي ۾ مرچون وغيره ڪٽي وجهي ڇڏينديون آهن. ايئن نه ڪرڻ گهرجي. حالانڪ ان دور ۾ عام طور سبزي سان گڏ مرچ، داڻا وغيره دڪاندار پاڻهي ڏئي ڇڏيندو هيو، ان جي باوجود احتياط مرحبا.

**واقعي ئي ! اللّٰہ پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي ڪمي ناهي.** ياد رکو! حُقوق العبادر جو معاملو انتهائي نازڪ آهي. بظاهر ننڍي نظر اچڻ واري حق تلفي به قبر ۽ حشر جي امتحان ۾ ڦاسائي ڇڏيندي آهي تنهنڪري ڪنهن جو ننڍي کان ننڍو حق به ضايع نه ڪيو نه ڄاڻ ڪهڙو گناه آخرت ۾ ڦاسائي ڇڏي.

## هڪ تيلي جنت کان روڪي ڇڏيو

مشهور تابعي بزرگ حضرت وهب بن مُنَبِّہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ اسرائيلي شخص پنهنجي سيني اڳوڻن گناهن کان توبهه ڪئي، ستر سالن تائين لڳاتار اهڙي طرح عبادت ڪندو رهيو جو ڏينهن جو روزو رکندو هو ۽ رات جو جاڳي عبادت ڪندو هيو، نه ڪو عمدو کاڌو کائيندو هو نه ڪنهن ڇانوَ ۾ آرام ڪندو هو. انهيءَ جي انتقال کان بعد ڪنهن خواب ۾ ڏسي پڇيو: مَا فَعَلَ اللهُ بِكَ؟ يعني **اللّٰہ** پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائين: **اللّٰہ** پاڪ منهنجو حساب ورتو، پوءِ سمورا گناه بخشي ڇڏيائين پر هڪ تيلي جنهن سان مون انهيءَ جي مالڪ جي اجازت کان سواءِ ڏندن ۾ خلال ڪيو

هو (۽ هي معاملو حقوق العِباد جو هو) ۽ اهو معاف ڪرائڻ رهجي ويو هو انهيءَ جي ڪري مان اڄ تائين جنت کان روڪيو ويو آهيان.[1]

ياد رکو! ڪنهن جو مال ناحَق طريقي سان کائڻ ناجائز ۽ گناهه ۽ جهنم ۾ وٺي ويندڙ ڪم آهي. قرآن ڪريم ۾ به هن جي بُرائي بيان ڪئي وئي آهي جيئن ته سيپاري 2 سُوْرَةُ الْبَقَرہ آيت نمبر188 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَلَا تَاْكُلُوْۤا اَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ پاڻ ۾ هِڪ ٻِئي جو مال ناحق نہ کائو

حضرت علامہ مولانا سيّد نعيم الدين مُرادآبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه خزائن العرفان ۾ هن آيت جي حوالي سان لکن ٿا: هن آيت ۾ ناحَق طريقي سان ڪنهن جو مال کائڻ حرام فرمايو ويو آهي چاهي اهو ڦرلٽ يا چوري يا جوا يا حرام ڪمن يا حرام شين جي بدلي يا رشوت يا ڪوڙي گواهي جي ذريعي هجي هي سڀ ممنوع ۽ حرام آهي.[2]

## اُمّ عطار جي واقعي جي مدني بهار

اُمّ عطار جي هڪ احتياط مدني چينل تي بيان ٿي ته ان جي هڪ مدني بهار هيئن ظاهر ٿي ته هڪ اسلامي ڀاءُ پنهنجي گهر واري سان گڏ مدني چينل ڏسي رهيو هيو. اُمّ عطار جو هي واقعو ٻڌي ڪري سندن گهر واري چيو: اوهان اڄ صبح جيڪا سبزي آندي هئي، اُن ۾ هڪ ننڍو چقندر بہ هيو. هي ٻڌي ڪري سندن مڙس

[1] تنبيه المغترين ص 51
[2] خزائن العرفان، ص: 54

چيو: مون تہ چقندر نہ خريديو هيو. ان اسلامي ڀاءَ رات جي پهر ۾ دڪان بند ھجڻ جو خيال ڪري اڳئين ڏينهن جڏهن سبزي واري کي ھي چئي ڪري وڏيڪ رقم ونڻ جو چيو تہ سبزي واري جو جواب بہ نهايت خوب هيو: ان چيو! جناب! چقندر وڏيڪ اچي وڃڻ جو مسئلو ناهي پر اوهان جيڪا سبزي ورتي هئي اُن ۾ چقندر اچڻ جي ڪري اوهان جي مطلوبہ سبزي جي مقدار ۾ گهٽتائي اچي وئي هوندي، هاڻي اوهان مون سان اها سبزي ونو تہ مون کي ٻڌايو مان اوتري وزن جي سبزي وڌيڪ ڏيان.[1]

## اُمِّ عطار جي احتياط

اولاد جي صلاحيتن ۽ خوبين ۾ والدين جو بہ حصو هوندو آهي. نيڪ ۽ چڱيون عادتون والدين کان ٻارن ۾ منتقل ٿينديون تي سگهن ٿيون. اَلْحَمْدُللهِ! اُمِّ عطار وقتاً فوقتاً توبہ ڪنديون رهنديون هيون، ڪڏهن ايئن بہ ٿيو تہ ڪٿي ڪا اهڙي ڳالهہ تي جنهن ۾ ڪفريہ پهلو جو شڪ هوندو هيو تہ ان تي پنهنجي پٽ امير اهل سنت کان پڇيو: ايئن چوڻ ڪفر تہ نہ آهي نہ؟ انتقال کان ڪجهہ ڏينهن پهريان پاڻ، پيرن جمع تي ڪري توبہ ۽ تجديدِ ايمان جي سعادت حاصل ڪئي ۽ اُمِّ عطار پنهنجي زندگي جي آخري آچر تي بہ توبہ ۽ تجديد ايمان جي سعادت حاصل ڪئي.

[1] مدني چينل پروگرام پراني يادين، قسط: 32

## توبه ڪرڻ وارو

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهه حالات انتهائي نازڪ آهن، ايمان جي حفاظت جو ذهن گهٽ ٿي ويو آهي! ايمان جي حفاظت تمام ضروري آهي. مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عبرت نشان آهي: ماڻهن تي هڪ زمانو اهڙو به ايندو جو اُن وقت ماڻهن جي وچ ۾ پنهنجي دين تي صبر ڪرڻ وارو، باهه جي چڻگ پڪڙڻ واري جيان هوندو.[1]

## مدني مشورو

روزانو گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو مثلاً سمهڻ کان پهريان (يا جڏهن چاهيو) احتياطي توبه ۽ تجديدِ ايمان ڪري وٺو. (۽ جيڪڏهن آساني سان گواهه ملي وڃن ته زال مڙس توبه ڪري گهر جي اندر ئي ڪڏهن ڪڏهن احتياطاً تجديد نڪاح ڪري وٺن. ماءُ، پيءُ، ڀيڻ ڀاءُ ۽ اولاد وغيره عاقل و بالغ مسلمان مرد و عورت جي نڪاح جا گواهه بڻجي سگهن ٿا. احتياطي تجديدِ نڪاح جي لاءِ مهر جي به ضرورت نه آهي.)

## حڪيم بغير آپريشن جي علاج ڪري ڇڏيو

”دعوت اسلامي“ جي قيام کان پهريان هڪ ڀيرو امير اهل سنت جي ڳلي ۾ ڪافي تڪليف ٿي ۽ ڦرڙي ٿي پئي. ڊاڪٽر جي

[1] ترمذي، 115/4، حديث: 2267

علاج مان فائدو نہ ٿيو تہ ان چيو: ٿي سگھي ٿو آپريشن ڪرائڻو پوي. سندن امڙ ڪيس هڪ مشهور ديسي دواخاني وٺي ويئي. حڪيم صاحب چيڪ اَپ ڪري ڪجھ ديسي دوائون کائڻ ۽ گرڙا ڪرڻ جي لاءِ ڏنيون. الله ربُّ العزت جي رحمت سان اهو مرض ايئن ختم ٿي ويو جو وري ٻيهر نہ ٿيو.[1]

## خارش ڪيئن ٺيڪ ٿي!

امير اهل سنت جي پياري پياري امڙ سائڻ کي سالن تائين هٿ جي ترين ۾ پريشان ڪُن ”مني خارش“ پريشان ڪيو، ڪنهن بہ علاج سان ختم نہ پئي ٿي. ڪنهن جي ٻُڌائڻ سان انهن مهندي پاٽيءَ سان توري ڇِڊي ڪري ان ۾ مناسب مقدار ۾ ليما نپوڙي توررڙو نيرو توتيو(2) ملائي خارش واري جاءِ تي لڳائڻ شروع ڪيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! انهن کي فائدو ٿي ويو.(3) [4]

ہے صبر تو خزانہ فردوس بھائیو!
عاشق کے لب پہ شکوہ کبھی بھی نہ آ سکے

## راند جوهڪ ميدان

آخري بار عام طور والدين کي گھڻو پيارو هوندو آهي ايئن ئي معاملو امير اهل سنت سان هيو چوتہ پاڻ گھر ۾ سيني کان ننڍا هئا.

---

[1] مدني چينل پروگرام پرانی يادين، قسط: 28 بتغير

[2] هي زهر آهي، جيڪو پنساريءَ وٽان ملي سگھي ٿو.

طبيب جي مشوري سان هي علاج شفاء حاصل ٿيڻ تائين جاري رکڻ گھرجي. جيڪڏهن وري

[3] کاڏ ٿي تہ ٻيهر بہ هي ئي علاج ڪرڻ گھرجي.

[4] گھريلو علاج، ص: 39

والده ڪيس پري ڪانہ چڏينديون هئي. امير اهل سنت جي ننڍپڻ جي هڪ دوست جو ڪجهہ هن طرح بيان آهي: امير اهل سنت جي گهر کان ٿوري فاصلي تي هڪ راند جو ميدان ”ڪڪري گراؤنڊ“ هيو. گهر ۽ ڪڪري گراؤنڊ جي درميان ويڪرو روڊ هيو جنهن تي گاڏين جي اچ وچ رهندي هئي امير اهل سنت جي امڙ سائڻ پنهنجي پٽ ”بابو“ سان محبت سبب کين روڊ پار ڪرڻ کان منع ڪندي هئي ۽ سندن فرمانبردار پٽ بہ والده جي اطاعت ڪندو هيو. امير اهل سنت جو دوست چئي ٿو تہ مون کين روڊ پار ڪري ڪڪري گراؤنڊ ۾ کيڏڻ جي لاءِ چيو تہ پاڻ فرمايائون: نہ، منهنجي اَمان مون کي اتي وڃڻ کان منع ڪيو آهي. دوست چيو: هاڻي اَمان ڪٿي تي ڏسي! پڇي تہ چئي ڇڏجانءِ مان ڪونہ ويو هيس. پاڻ بي اختيار چيائون: **”مان امَان کان ڪوڙ نٿو ڳالهائي سگهان“**[1]

اي عاشقانِ رسول! جتي هن واقعي ۾ ماءُ جي شفقت جو بيان آهي اتي ئي ماءَ جي اطاعت جي بهترين مثال بہ آهي. ننڍن ٻارن کي گهرجي تہ هُو پنهنجي والدين جي فرمانبرداري ڪن ڇوتہ انهن جي اطاعت ۾ عظمت آهي. والدين جي دعا اولاد جي قسمت بدلي ڇڏيندي آهي. امير اهل سنت فرمائن ٿا: اَلْحَمْدُ لِلّٰه! مون کي خوشي آهي تہ منهنجي امڙ هن حالت ۾ دنيا مان وئي جو منهنجو حُسنِ ظن آهي تہ اها مون کان خوش هئي ۽ مان چوان

---

[1] مدني چينل، پروگرام پرانی یادیں، قسط: 22

تو تہ اڄ جيڪو ڪجھ مون کي حاصل آهي ”**هي شايد منهنجي والده جي دعا جو نتيجو آهي**“[1]

## امڙ سائڻ جو انتقال پُرملال[2]

امير اهل سُنّت فرمائن ٿا: امڙ جي انتقال کان تقريباً هڪ سال پهريان وڏو ياءُ 15 محرم الحرام تي 40 کان 45 سال جي عمر ۾ ٽرين حادثي ۾ فوت ٿي ويو، امڙ سائڻ کي هن جو بيحد صدمو رسيو. امڙ سائڻ پٽ جي غم ۾ روئنديون هيون ۽ اندر ئي اندر ۾ پگهرجنديون هيون. 17 صفر شريف 1398 هجري تي جمعي جي رات تقريباً 10 وڳي امڙ سائڻ جو وصال ٿيو. اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡنَ الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت فرمائي. آمين....

جس جگہ پر وصالِ مبارک ہوا
وہ مہکتی تھی یوں جیسے گلزار سا

## جمعي تي فوت ٿيڻ واري جو ثواب

الله پاڪ جي اُمّ عطار جي مزار تي رحمت جون برساتون وسن. ماشاءالله! انهن کي جمعي رات نصيب ٿي. جمعي جي رات تي فوت ٿيڻ وارو خوش نصيب ”**شهيد**“ جو درجو ماڻيندو آهي. جيئن تہ حضرت جابر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ سرڪار مدينہ

---

[1] آڊيو بيان: انسان کی تخلیق کا مقصد بتغير

[2] رسالي جي شروع ۾ امير اهل سنت جي امڙ جي انتقال پرملال جي مڪمل واقعي جو بيان آهي. هتي اڳتي جي ڪيفيت جو ڪجھ بيان آهي.

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمارشاد فرمايو: ”جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن يا جمعي جي رات انتقال ڪري ويو اهو عذاب قبر کان بچايو ويو ۽ اهو قيامت جي ڏينهن هن حال ۾ ايندو جو ان تي شهيد جي مُهر هوندي“[1]

## قبر جي آمائش کان محفوظ

حضرت عبدالله بن عُمر رَضِىَ اللهُ عَنْهُما روايت ڪن ٿا ته الله پاڪ جي محبوب.صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو مسلمان جمعي جي ڏينهن يا جمعي جي رات وفات ڪري اهو قبر جي آزمائش کان محفوظ رهندو.“ [2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب        صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## باجماعت نماز جو عظيم جذبو

امير اهل سُنّت فرمائن ٿا: الله پاڪ جي ڪرم سان شروع ئي کان باجماعت نماز پڙهڻ جو ذهن هيو. ايستائين جو جڏهن امڙ سائڻ جو انتقال ٿيو ته ان وقت گهر ۾ پيو ڪو مرد نه هيو، مان اڪيلو هيس پر اَلْحَمْدُ لِلّٰه! امڙ جي ميّت چڏي ڪري مسجد ۾ نماز پڙهڻ جي سعادت ماڻي. والده جي غم ۾ نماز جي دوران منهنجي اکين مان ڳوڙها ضرور وهي رهيا هئا، پر هن صورتحال ۾ به اَلْحَمْدُ لِلّٰه! جماعت نه ڇڏي. انهي طرح شادي

[1] حلية الاولياء 3/181، حديث: 3629
[2] ترمذي، 2/339، حديث: 1076

واري ڏينهن بہ غالباً تمام نمازون باجمايت ادا ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي.

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هلڪو درد يا نزلو تي وڃي، بخار اچي وڃي يا ڪا خوشي غمي جو موقعو اچي وڃي ڪيئي نمازي حضرات جي جماعت بلڪ نماز ئي قضا تي ويندي آهي افسوس! هاڻي نمازين جو بہ باجماعت نماز پڙهڻ جو ذهن گهٽ تي ويو آهي.

حضرت علامہ سيّد محمود احمد رضوي رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هر عاقل، بالغ ۽ آزاد ۽ قدرت رکڻ واري مسلمان تي جماعت سان نماز پڙهڻ واجب آهي ۽ بلاعُذر(يعني بغير ڪنهن مجبوري جي) هڪ ڀيرو بہ جماعت ڇڏڻ وارو گنهگار آهي ۽ ڪيئي ڀيرا ترڪ ڪرڻ فسق آهي.[1]

**امير اهل سُنّت** جو والده محترمہ جي ميّت ڇڏي ڪري باجماعت نماز پڙهڻ هيءُ اسان جي لاءِ باعِث تقليد عمل آهي تہ چاهي ڪهڙي ئي آفت چونہ اچي ان وقت بہ باجماعت نماز نہ ڇڏڻ گهرجي جيستائين شريعت اجازت نہ ڏي. الله ڪريم امير اهل سُنت جي صدقي اسان کي پنج وقت نمازون باجماعت ۽ اهو بہ زهي نصيب پهرين صف ۾ ادا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين

میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت ہو توفیق ایسی عطا یا الٰہی

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

[1] فيوض الباري، 297/3 بتغير قليل

## امڙ سائڻ جي جنازي جي نماز

امير اهل سُنّت جي امڙ جي جنازه نماز جُمعي جي ڏينهن غالباً جمعي جي نماز کان پهريان نور مسجد (جتي پاڻ نماز پڙهائيندا هئا) جي ٻاهر ادا ڪئي وئي. جنازي جي نماز ۾ قبل حضرت علامہ مولانا قاري محمد مُصلح الدّين قادري رضوي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه[1] بہ تشريف کڻي آيا. امير اهل سُنت کين نمازِ جنازه پڙهائڻ جي لاءِ آڇ ڪئي تہ پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه امير اهل سنت کي فرمايو "**اوهان جي والده آهي اوهان پڙهايو**" فرمائي ڪري نماز جنازه پڙهائڻ جو فرمايو ۽ ايئن پٽ ئي پنهنجي امڙ سائڻ جي جنازه نماز پڙهائي.

## ميّت مان ظاهر ٿيڻ واريون حيرت انگيز ڳالهيون

حاجي حنيف بِلّو[2] ڪجھ هن طرح بيان ڪن ٿا: جڏهن امير اهل سنت جي امڙ جو وصال ٿيو تہ ٿوري دير بعد ڪجھ اسلامي ڀائر تعزيت جي لاءِ حاضر ٿيا، مان بہ انهن ۾ شامل هيس. والده محترمہ جي ميّت گهر ۾ رکيل هئي، امير اهل سُنت صدمي

---

[1] حضرت مولانا قاري مُصلح الدين صديقي قادري رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي ولادت 1326 هجري تي ضلع ناندير، حيدرآباد دکن هند ۾ ٿي. پاڻ عالم باعمل، خوش الحان قاري، أستاد العلماء ۽ شيخ طريقت هئا. 7 جمادي الأخريٰ 1403 هجري تي وصال فرمايو، مزار مبارڪ مُصلح الدين گارڊن ڪراچي ۾ آهي. ( ماهنامه فيضانِ مدينه، جمادي الاخري: 1439)

[2] 12 ربيع الاول شريف 1427 هجري بمطابق 11_4_2006 ۾ ٿيڻ واري سانحي نشترپارڪ جو شهيد حاجي محمد حنيف بِلّو شروع ۾ هڪ ماڊرن نوجوان هيا. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اميراهل سُنّت جي انفرادي ڪوشش جي برڪت سان ديني ماحول ۾ آيا، نمازي بڻيا ۽ چهري تي سُنت جي مطابق ڏاڙهي سجائي

سان تڙپي بارگاهِ رسالت ۾ اعلي حضرترَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا شعر پڙهي ڪجهه هن طرح فرياد ڪري رهيا هئا:

اے شافعِ اُمم شہ ذی جاہ لے خبر

للہ لے خبر مری للہ لے خبر

بئي ڏينهن مون(حنيف بلو) امير اهل سنت کي ٻڌايو ته جنهن وقت اوهان امڙ جي ميّت جي پرسان روئي روئي ڪري بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ فرياد ڪري رهيا هئا. اوهان جي امڙ سائڻ مون کي مخاطب ٿي ميمٺي زبان ۾ فرمائڻ لڳيون: (خلاصو) ”**الياس کي چئو ته غم زده نه ٿين مان ڏاڍي خوش آهيان**“ هي ٻڌي ڪري مون سمجهيس ته شايد مون کي وهم ٿيو آهي، ڀلا ميت ڪيئن ٿي ڳالهائي سگهي؟ تنهنڪري مون اوهان سان ڳالهه نه ڪئي. تدفين واري ڏينهن مان پنهنجي ڪمري ۾ سمهڻ جي لاءِ ليٽيس، اجا جاڳي رهيو هيس ته اوهان جي مرحومه والده منهنجي سامهون اچي بيٺي ۽ ميمٺي زبان ۾ فرمائڻ لڳيون: اوهان منهنجي پٽ الياس کي اجا تائين پيغام چونه ڏنو ته ”**هو غم زده نه ٿين مان ڏاڍي خوش آهيان**“. هي ٻڌي ڪري مان عجب ۾ پئجي ويس ۽ ڪنهن اهل علم کي مون هي ڳالهيون ٻڌائي پڇا ڪئي ته مون سان هي ڇا ٿي رهيو آهي، ڇا واقعي مردا ڪلام ڪندا، اهڙي طرح اختيارا رکندا آهن؟ ان تي هُن مون کي دليلن سان سمجهايو ته اهڙي طرح جي واقعن سان اسان جا ڪتاب پريا پيا آهن. الله پاڪ پنهنجي فضل ۽

ڪرم سان پنهنجي پسنديده ٻانهن کي ڪيئي اختيار عطا فرمائيندو آهي.[1] لهٰذا مان مطمئن ٿيس تڏهن اوهان کي هي ڳالهيون ٻڌايون آهن. حاجي حنيف بلو بعد ۾ هي به ٻڌايو ته مان امير اهل سنت کي سندن والده جو پيغام ٻڌائي ڪري جيئن ئي موٽيس ته سندن والده مرحومه جو چهرو منهنجي نگاهن جي اڳيان آيو، به الفاظ مون ٻڌا، ۽ غائب ٿي ويو. اهي به الفاظ هي هئا.”**شڪريه مهرباني**“.

**الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب     صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اُمِّ عطار جي مزار سان گڏ غلام ياسين قادري ڪير آهن؟

امير اهل سنت جي امڙ جي مزار شريف سان گڏ ”غلام يٰسين قادري“ نالي اسلامي ڀاءُ جي قبر آهي. هي سيّدي قطبِ مدينه حضرت علامه مولانا ضياء الدين احمد مدني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جا مريد هجڻ جي ڪري ضيائي هئا ۽ امير اهل سنت سان بيحد محبت ڪندا هئا. امير اهل سنت ڪيئي ڀيرا سندن گهر تشريف کڻي ويندا هئا. اُمِّ عطار جي قبر سان گڏ هڪ چبُوترو هيو جتي

---

[1] مئلن جي زنده ٿيڻ پڻ موت ۽ قبر جي باري ۾ ڪيئي اهم معلومات تي مشتمل حضرت جلال الدين سيوطي شافعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو تقريباً 500 سال پرانو ڪتاب”شرح الصدور“ پڙهو. هي ڪتاب www.dawateislami.net تان فري ۾ ڊائون لوڊ ڪري پڙهي سگهجي ٿو.

ويهي ڪري فاتحه وغيره پڙهي ويندي هئي. غلام ياسين قادري ڪي بلڊ ڪينسر ٿيو ۽ هُو فوت ٿي ويو ته ان چبوتري جي جڳهه تي ان جي قبر ٺاهي وئي ته جيئن امڙ سائڻ جي قبر تي حاضري وقت سندن وٽ به اچڻ وڃڻ ٿي سگهي. الله پاڪ انهن کي غريقِ رحمت فرمائي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب     صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اُمِّ عطارِ جامعة المدينہ (گرلز)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هر سال عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ”دعوت اسلامي“ ۾ درس نظامي ڪرڻ وارين اسلامي ڀينرن جي ردّا پوشي امير اهل سنت جي امڙ جي يوم وفات جي نسبت سان 17 صفر شريف تي ٿيندي آهي. الله ربُّ العزت جي رحمت سان هاڻي تائين هزارين خوش نصيب اسلامي ڀينرون ديني علوم تي مشتمل ڪورس”درس نظامي“ سان مشرف ٿي چڪيون آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! 11 آگسٽ 2023 مجلس جامعة المدينہ(گرلز) جي خبر مطابق سڄي دنيا ۾ تقريباً 14253 اسلامي ڀينرن 6 سالا درس نظامي ڪورس ۽ 6123 طالبات 3 سالہ فرض علوم ڪورس تي مشتمل ڪورس فيضان شريعت ڪورس ڪري چڪيون آهن ۽ انهن ۾ ڪيئي اهڙيون به آهن جيڪي علم دين

---

[1] مدني چينل پروگرام پرانی یادیں، قسط: 7

جو فيضان سڄي دنيا ۾ عام ڪرڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مختلف شعبن ۾ ديني خدمتون سرانجام ڏئي رهيون آهن.

تیرا گھر خدمتِ دین کا مرکز بنا
ہم پہ احسان ہے تیرے عطّار کا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نازل ہوں سدا رحمت کے گہر،

نازل ہوں سدا رحمت کے گہر، عطّار کی پیاری امی پر
ہو پیارے نبی کی خاص نظر، عطّار کی پیاری امی پر
ملت کو دیا ایسا بیٹا، سنت کا عَلَم جس نے تھاما
ہو نور کی بارش شام و سحر، عطّار کی پیاری امی پر
مولا! یہ گھرانا شاد رہے، تا حشر یونہی آباد رہے
فیضان کرم کے ہوں گل تر، عطّار کی پیاری امی پر

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# یومِ پاک آگیا اُمِّ عطّار کا

(17 صفرالمظفر یوم مبارک اُمِّ عطّار)

یومِ پاک آگیا اُمِّ عطّار کا
مولا مرقدِ کھا اُمِّ عطّار کا

ہوں میں ادنیٰ گدا اُمِّ عطّار کا
خوش نصیبی مری سگ ہوں عطّار کا

ان کی تربت پہ بارش ہو انوار کی
مولا رتبہ بڑھا اُمِّ عطار کا

جس جگہ پر وصال مبارک ہوا
وہ مہکتی تھی یوں جیسے گلزار سا

تیری اولاد اور سارے احباب پر
رب کی رحمت رہے لُطف سرکار کا

حشر تک تیرے احباب پھولیں پھلیں
بول بالا رہے تیرے عطّار کا

پدرِ عطّار پر کر کرم یاخدا
ساتھ جنت میں دے ان کو سرکار کا

تیرا گھر خدمتِ دِین کا مرکز بنا
ہم پہ احسان ہے تیرے عطّار کا

ان سے عطّار سی ہم کو نعمت ملی
حق ہو کیسے ادا اُمِّ عطّار کا

در پہ حاضر ہوں میں اِک نگاہِ کرم
کام بن جائے گا ایک بدکار کا



سگِ مدینہ محمد الیاس عطار
ابو بلال قادری رضوی
فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران سبزی منڈی کراچی

فرمانِ آخری نبی صلی اللہ علیہ والہ وسلم

"جو اللہ اور قیامت پر ایمان رکھتا ہے اُسے چاہیے کہ بھلائی کی بات کرے یا چُپ رہے۔"
(بخاری، حدیث: 6018)

میری پیاری ماں کی برسی کی تاریخ 17 صفر ہے۔ ہو سکے تو کم از کم 17 بار دُرُود شریف پڑھ کر ایصالِ ثواب کرکے یہ دُعائے عطار حاصل کیجئے:
اللہ پاک آپ کو اور ساری اُمت کو بخشے۔ اٰمین بجاہِ النبی الامین صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم

صلّوا علی الحبیب!
صلی اللہ علیٰ محمد


عالمي مدني مرکز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراني سبزي منڈي کراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net